# تڪڙ ڪم شيطان جو



هڪ ڳوٺ ۾ ٻہ زال مڙس رهندا هئا ٻئي غريب پورهيت هئا. مڙس مزدوري تي ويندو هو ۽ مائي گهر ۾ ويهي ڀرت جو ڪم ڪندي هئي. گهر ۾ ٻيو ڪوبہ ٻار ٻچو نہ هو. ان ڪري اڪيلائي کان تنگ ٿي مائيءَ هڪ ننڍڙو نور ڏاريو. جنهن سان تمام گهڻو پيار ڪندي هئي وري نور بہ مائيءَ سان اهڙو تہ هري ويو هو جو گهر ۾ يا گهر کان ٻاهر مائيءَ جي پويان پيو هلندو هو. وقت گذرندو رهيو نور بہ اچي وڏو ٿيو ڪجهہ وقت کان پوءِ مائي کي هڪ سهڻو پٽ ڄائو. هڪ ڏينهن مائي نور کي پٽ وٽ ڇڏي پاڻ کوهہ تان پاڻي ڀرڻ ويئي. واپس اچي ڏسي تہ نور گهر جي در تي ويٺو هو. سندس وات ۽ چنبا رت ۾ ڀريل هئا. مائيءَ سوچيو تہ شايد نور منهنجي پٽ کي ماري وڌو آهي ان ڪري مائيءَ بنا دير پاڻي جو ڀريل دلو ڪٽي نور جي مٿان اڇلايائين نور ويچارو ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو. مائي ڊوڙي وجي اندر ڏٺو تہ سندس پٽ صحيح سلامت پينگهي ۾ ستو پيو هو پينگهي جي هيٺيان هڪ وڏو نانگ مئو پيو هو. اصل ۾ نور تہ نانگ سان وڙهي مائيءَ جي پٽ جي جان بچائي ۽ نانگ کي ماري وڌائين پر مائي تڪڙ ڪري نور کي ماري ڏاڍو پڇتايو.

پيارا ٻارو! ان ڪري چوندا آهن تہ "تڪڙ ڪم شيطان جو" مائيءَ تڪڙ ڪري پنهنجو وفادار ساٿي ماري ڇڏيو ان لاءِ اسان کي گهرجي تہ ڪنهن بہ ڪم ۾ تڪڙ نہ ڪريون. جيڪو بہ ڪم ڪريون سوچي سمجهي پوءِ ڪريون.